عزيز ڪنگراڻي

# سنڌُو لکت جي پاچ: هڪ اڻ ڳوليل ڳجهه

## Indus Script: The Unsolved Mystery

**Abstract**

The Indus script is one of the most enigmatic and unresolved puzzles in the study of ancient civilizations. Despite extensive efforts by linguists, archaeologists, and epigraphists, several key challenges remain in its decipherment. These challenges include the absence of bilingual or trilingual inscriptions, the limited length of surviving texts, and the uncertain linguistic affiliations of the script. Additionally, the lack of contextual and cultural understanding of the Indus Valley Civilization makes it even more difficult to establish meaningful connections between the script and the society's socio-political and economic structures. Many hypotheses have been proposed regarding the script's linguistic identity, ranging from Dravidian to completely unrelated languages, but none have gained widespread acceptance. As a result, the Indus script remains an unsolved mystery in historical linguistics. However, with advancements in computational methods and ongoing interdisciplinary research, there is hope that the script may eventually be decoded. This breakthrough could provide invaluable insights into one of the earliest advanced urban societies in human history.

**Keywords:** Indus Script, decipherment, linguistic affiliations, epigraphists, contextual understanding, computational methods, Indus Valley Civilization

## تَتُ

سنڌُو لکت قديم تهذيبن جي سيني کان وڌيڪ پرسرار ۽ اڻجاتل ڳُجهن مان هڪ آهي. لسانيات جي ماهرن، آثار قديمہ جي ماهرن، ۽ تحريرن جي ماهرن جي وسيع ڪوشش باوجود، ان جي پاچ ۾ اجا تائين بہ وڏيون چئلينجون موجود آهن. انهن مشڪلاتن ۾ ٻہ يا ٽي ٻولين ۾ لکت جو نہ هجڻ، لکت جو مختصر هجڻ، ۽ سنڌُو لکت جي لِپي جي لساني وابستگي جي ڄاڻ نہ هجڻ اهم سبب آهن. ان کان علاوه، سنڌُو ماٿريءَ

جي تهذيب جي سماجي ۽ ثقافتي پسمنظر جي ڄاڻ جي کوٽ بہ سنڌُو لکت جي پاڄ ۾ ان کي معاشري جي سماجي، سياسي، ۽ معاشي ڍانچي سان لاڳاپي کي مشڪل بڻائي ٿي.

سنڌُو لکت جي لساني سڃاڻپ بابت مختلف نظريا پيش ڪيا ويا آهن، جن ۾ دراوڙي ٻولين کان وٺي ٻين بعد جي غير لاڳاپيل ٻولين تائين مختلف امڪان شامل آهن، پر اجا تائين ڪنهن بہ نظرئي تي مڪمل اتفاق نہ ٿيو آهي. نتيجي طور، سنڌُو لکت تاريخي لسانيات ۾ هڪ اڻ حل ٿيل راز بڻيل آهي. بهرحال، ڪمپيوٽري طريقيڪار ۽ ٻين تحقيق جي ترقي سان، اميد آهي تہ سنڌُو لکت آخرڪار سمجهي ويندي، جنهن سان قديم ترين ترقي يافتہ شهرن جي باري ۾ نئين قيمتي ڄاڻ حاصل ٿي سگهي ٿي.

## تعارف

سنڌُو لکت هڪ قديم لکت جو نظام آهي، جيڪو سنڌُو ماٿري جي سڀيتا جي دور ۾ استعمال ڪيو ويندو هيو. جنهن جو ڦهلاءُ 3300—1800 ق. م دوران موجوده پاڪستان ۽ اتر اولهہ ڀارت ۾ موجود تڏهوڪي وقت ۾ ترقي يافتہ شهرن ۾ مروج هئي. سنڌُو لکت مختلف نوادرات تي ملي آهي، جن ۾ مهرون، مٽيءَ جا ٿانءَ ۽ ٻيون شيون شامل آهن، خاص طور تي هڙپا، موهن جو دڙو ۽ ڍولاويرا جهڙن ماڳن تان حاصل ٿيل آهن. هڪ صدي کان وڌيڪ مطالعي ۽ ڪيترين ئي ڪوشش باوجود، سنڌُو لکت اجا تائين وڏي پئماني تي ڳُجهہ ۽ پراسرار بڻيل آهي.

سنڌُو لکت جون تقريباً 4000 مختلف علامتن تي مشتمل آهي، جن جا لڳ ڀڳ 3,500 مثال ڇپتا مليا آهن. بهرحال، انهن علامتن جو مطلب ۽ بناوت اجا تائين واضع ناهي، ڇو تہ ڪا بہ ٻہ ٻوليائي يا ٽن ٻوليائي تي مشتمل لکت يا ڪنهن ڄاتل ٻوليءَ سان سڌو سنئون واسطو موجود ناهي.[1] مصري هيروگليف لکڻين کي سمجهڻ روزيٽا پٿر ذريعي ممڪن ٿيو، جيڪا ٽن ٻولين تي مشتمل هڪ لکت هئي. بدقسمتي سان، سنڌُو لاءِ اهڙي ڪا بہ ٻہ ٻوليائي واري لکت نہ ملي آهي. بهرحال ان جو مطلب اهو ناهي تہ سنڌُو لکت هميشہ لاءِ اڻ سمجهيل يا ڳُجهہ رهندي.[2]

سنڌُو لکت جي پاڄ ۾ هڪ وڏي ڏکيائي ان جي لکت جو مختصر هجڻ بہ آهي. هڪ عام سنڌُو لکت ۾ صرف پنج يا ڇهہ علامتون اڪريل آهن، جڏهن تہ سڀ کان ڊگهي هڪ مهر تي لکت ۾ صرف 14 يا 15 علامتون شامل آهن.[3] لکت جو هيءَ اختصار سنڌُو لکت جي پاڄ لاءِ هڪ اهم رڪاوٽ بڻجي ٿو.

ان کان علاوه، سنڌُو ماٿري جي سڀيتا بابت ثقافتي ۽ سماجي ڄاڻ جي کوٽ سنڌُو لکت جي پاڄ جي ڪوشش کي وڌيڪ پيچيده بڻائي ٿي. تقريباً 1800 ق. م ۾ هن تهذيب جي زوال ۽ ان جي شهري مرڪزن جي ختم ٿي وڃڻ سبب ڪو بہ سڌو سنئون لکيل

رڪارڊ يا زباني روايتون نہ بچي سگهيون، جيڪي ان جي پاڇ ۾ مددگار ثابت ٿين.[4] مختلف نظريا سنڌُو لکت کي قديم برهمي، دراوڙي، هند-آريائي، ۽ سياسي يا مذهبي علامتن سان جوڙين ٿا.[5] بيان ڪيل ڳالهيون سنڌُو لکت کي قديم تحريرن ۽ لسانيات جي ميدان ۾ سڀني کان وڏن اڻ حل ٿيل ڳُجهن منجهان هڪ ڳُجهہ بڻائي ڇڏيو آهي.

## اهم چئلينجن جي وضاحت

### 1. سنڌُو لکت جو مختصر هجڻ

مهرن تي اڪثر سنڌُو لکتون تمام مختصر آهن، جن ۾ بنيادي علامت يا لفظ شامل آهن. هڪ عام سنڌُو لکت ۾ صرف چار يا پنج علامتون ملن ٿيون. جڏهن تہ سڀ کان ڊگهي هڪ لکت تي مشتمل لکت ۾ رڳو 14 يا 15 نشان شامل آهن. صرف هڪ ئي مهر تي 34 نشان مليا آهن.[6] هي مختصر جملن جي بناوت، واضع لساني نمونن جي تجزيي کي مشڪل بڻائي ٿي.

### 2. ٻہ ٻولين يا ٽن ٻولين تي مشتمل لکت جي غير موجودگي

هڪ ٻيو وڏي رنڊڪ ٻہ ٻولين يا ٽن ٻولين تي مشتمل لکت جو نہ هجڻ آهي.[7] ٻہ ٻولين واريون لکتون، جهڙوڪ روزيٽا پٿر، جنهن ۾ ساڳيو مواد مختلف لکتن ۽ ٻولين ۾ لکيل هو،[8] جيڪو مصري هيروگليف جي پاڇ لاءِ ڪارگر ثابت ٿيو. اهڙيءَ طرح، ڪشان دور جا ٻن ٻولين يا لکتن وارا سڪا، جن تي برهمي ۽ خروشتي لکتون لکيل هيون، انهن لکتن برهمي ۽ خروشتي جي لکتن پڙهڻ ۾ مدد ڪئي. بدقسمتيءَ سان، سنڌُو لکت لاءِ اهڙو ڪو بہ گهڻ-لساني رڪارڊ يا روزيٽ پٿر موجود ناهي.

### 3. گم ٿي ويل يا اٽچاتل ٻوليءَ جو تعلق

سنڌُو لکت جي پسمنظر ۾ ٻوليءَ بابت ڪا ڄاڻ ناهي تہ سنڌُو لکت جو ڪهڙي ٻولي سان تعلق هو؟ اها وسري ويل يا گم ٿيل ٻوليءَ جنهن سان سنڌُو لکت جو تعلق هو ان لڙهہ يا ٽُک واري ٻولي جيڪڏهن زنده رهي ها تہ سنڌُ لکت جي پاڇ آسان ٿي سگهي ها. ان جي تصويري لکت وارو نظام، جيڪو تصويري علامتن سان ڪجهہ مشابهت رکي ٿو، سو بہ سنڌُو لکت جي پاڇ جي عمل کي وڌيڪ پيچيده بڻائي ٿو.[9]

### 4. ثقافتي ۽ تاريخي ڄاڻ جي کوٽ

سنڌُو ماتري جي سڀيتا جي سماجي، ثقافتي، سياسي، ۽ مذهبي پاسن بابت تمام ٿوري تصديق ٿيل ڄاڻ موجود آهي. آثار قديمہ جي کوجنائن کانسواءِ ڪو بہ مستند لکيل

رڪارڊ ناهي مليو جنهن سبب ماهرن کي سنڌُو لکت جي پاڇ لاءِ مفروضن ۽ قياسي نظرين تي ڀاڙڻو پوي ٿو.[10]

### 5. سنڌُو لکت جو سنسڪرت يا برهمي سان لاڳاپو

سنڌُو لکت ۽ سنسڪرت يا برهمي جي وچ ۾ لاڳاپي بابت صرف قياسي نظريا موجود آهن. جيڪڏهن ڪو واضع تعلق هجي ها, تہ سنڌُو لکت جي پاڇ ممڪن ٿي سگهي ها. پر ڇاڪاڻ تہ انهن جي پاڻ ۾ ڪنهن بہ پڪي لاڳاپي جي ثابتي ناهي ملي, ان ڪري سنڌُو لکت واري ٻولي ۽ سنڌُو لکت اڃا تائين هڪ راز بڻيل آهي.

### 6. سنڌُو لکت جي علامتن جو ابهام

سنڌُو لکت جون علامتون مختلف معنائن ۾ استعمال ٿي سگهن ٿيون, يا اهي لفظن, آوازن, يا اکرن جي نمائندگي ڪري سگهن ٿيون, ڇنائي نہ هجڻ سبب وڏيڪ پراسراريت پيدا ڪري ٿو.

### 7. تسلسل جي کوٽ

ٻين قديم لکتن جي ابتڙ, سنڌُو لکت جو ڪنهن بہ بعد ۾ ملندڙ لکڻين يا لکتن سان ڪو واضع ارتقائي لاڳاپو نظر نٿو اچي.

### 8. نشانين جي پسمنظر جي غير موجودگي

سنڌُو لکت جي پسمنظر بابت تمام ٿوري ڄاڻ ملي ٿي. اڃا تائين واضع ناهي تہ سنڌُو لکتون انتظامي رڪارڊ آهن, سماجي يا مذهبي متن آهن, يا ڪجھ ٻيو تنهن بابت ڪا پڙوڙ پئجي نہ سگهي آهي.

### نتيجو

سنڌُو لکت قديم لکتن ۾ سڀ کان وڏيڪ پيچيده ۽ ڏکي عرصي تائين اڻ حل ٿيل راز مان هڪ آهي. ماهرن, لسانياتي ماهرن, ۽ آثار قديمہ جي ماهرن جي وسيع تحقيق باوجود, ٻہ ٻولين واري لکت جي غير موجودگي, محفوظ ٿيل متن جو مختصر هجڻ, ۽ غير يقيني لساني وابستگي ڪنهن بہ حتمي پاڇ کي ناممڪن بڻائي ٿي. سنڌُو ماتري جي سڀيتا بابت پسمنظر ۽ ثقافتي ڄاڻ جي وڏي کوٽ هن ڪم کي وڏيڪ مشڪل بڻائي ٿي, جنهن سبب سنڌُو لکت کي سڀيتا جي سماجي, سياسي, يا معاشي زندگي سان جوڙڻ ڏکيو ٿي پوي ٿو.

آسڪو پارپولا صرف تامل ٻولي جي تناظر ۾ سنڌُو لکت جي پاڄ ۾ مصروف آهي. اهڙيءَ ريت ٻين ٻولين جي لساني، جغرافيائي، سماجي، مذهبي ۽ معاشي پسمنظر ۾ به سنڌُو لکت جي پاڄ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. توڙي جو سنڌُو لکت ۾ موجود ٻولي (يا ٻولين) بابت مختلف نظريا پيش ڪيا ويا آهن، پر ڪو به نظريو عالمگير طور قبول نه ٿيو آهي. جيئن تحقيق جاري آهي ۽ ڪمپيوٽري تجزيو ترقي ڪري رهيو آهي، جنهنڪري اميد آهي ته ڪنهن ڏينهن سنڌُو لکت جو اصل مطلب معلوم ٿي سگهندو، جيڪو دنيا جي قديم ترين ۽ سڀ کان ترقي يافته تهذيبن مان هڪ اهم تهذيب بابت قيمتي ڄاڻ فراهم ڪندو.

مختصر طور، سنڌُو لکت جو راز ان لِپي جي اندروني چئلينجن ۽ وسيع ثقافتي ۽ لساني پسمنظر جي ڪوٺ سبب برقرار آهي. بهرحال، جاري تحقيق مستقبل ۾ نون انڪشافن لاءِ اميد جو ڪرڻو فراهم ڪري ٿي.

## حوالا


1. پوسهيل، جي. ايل: انڊس تهذيب: هڪ جديد نظر، آلٽا ميرا پريس. (2002)
2. راماسامي، ج: سائي. نيوز. (فيبروري 21، 2014)
3. مهاديون، آءِ: انڊس لِپي: متن، هم آهنگي ۽ جدول، آثار قديمه جي سروي آف انڊيا جون يادگيريون. (1977)
4. ڪينوئر، ج. ايم: سنڌُو ماٿر جي تهذيب جا قديم شهر، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس. (1998)
5. بسواس، ايس: بي بي سي نيوز. (جنوري 16، 2025)
6. ڪنيار، س: سنڌو لکت ۽ سراج، سراج انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز ڪراچي. (2024)
7. سين گپتا، اي (دي انڊين ايڪسپريس. (9 جنوري، 2025)
8. راؤ آر. پي. اين: انڊس لپي ۽ معاشيات. آرڪيئوپريس. (2017)
9. سين گپتا، اي (دي انڊين ايڪسپريس. (2025)
10. ساڳيو